

"اوم"

شري گڻيشاءِ نمه

جپ صاحب آرٿ سان

ڇپائيندڙ: لالا ڀڳوان مولچند سيوهاڻي

C-205, Vrindavan, Plot no. S-2,
Veera Desai Road,
Andheri (W), Bombay-400038.

قيمت: شرڌا ۽ صدق

ڏاڏو: لالا ڪوڙومل موٽيرام



جنم ۱۱۵۷ — ديهانت ۱۹۲۱

ارپيان ٿو

نمرتا ۽ شرڌا سان پنهنجي ڏاڏي، پتا - ماتا کي جن ڌرمي سکيا ڏيئي مون کي جيون سفر سولائيءَ سان ڪرايو آهي.

ڀڳوان مولچند

پتا: لالا هولچند ڪوڙومل



جنم ١٨٨٢ — ديهانت ١٩٢٢

ماتا : شريمتي پوڄي ٻائي مولچند



جنم ١٨٩٢ ديهانت ١٩-١-١٩٤٥

منهنجا بزرگ

منهنجي ڏاڏي لالا مولچند کي ٽي پٽ هئا
(١) لالا ڪوڙومل (٢) لالا مهرو راء ۽ (٣) لالا
دولترام.

انهن ٽنهي ڀائرن کي وري هر هڪ کي هڪ
پٽ ٿيو -


لالا ڪوڙومل کي لالا مولچند
لالا مهرو راء کي لالا چنن راء
۽ لالا دولترام کي لالا چاڳومل جو ٽنهي ئي
گذاري ويو.

اسين ٽيا

لالا مولچند کي ٻه پٽ ٿيا - ڀڳوان، موهن ۽
هڪ نياڻي مولي ڀائي.
لالا مهرو راء کي ٿيو هڪ پٽ چندر راء.
لالا ڀڳوان کي آهن ٻه پٽ ٻالم ۽ سرلاش.
لالا موهن کي آهي هڪ پٽ ڪمل.
لالا ٻالم کي آهي هڪ پٽ شيام ۽ سرلاش کي
آهن ٻه پٽ هڪ ڀيمت ۽ ٻيو هيمنت.
لالا ڪمل کي آهن ٻه پٽ اشوڪ ۽ پيونش
لالا چنن راء کي ٿيا ٥ پٽ - ڀهرئون پٽ وسڙ
جو جوانيءَ ۾ هڪ پٽ راجن ۽ هڪ نياڻي ڇڏي
ڇڏي ويو. ٻيو مولي سو ٻه شادي ڪري ڪانسواء
جوانيءَ ۾ ڇڏي ويو. ٽيون پٽ آهي سوڀو
جنهن کي هڪ پٽ گل آهي. چوٿون آهي ناري
۽ پنجون پٽ آهي ڪشور جنهن کي ٻه پٽ
جتين ۽ سدم آهن.

ڀيڻ: شريمتي مولي ٻائي (مولچند لالا) ۽
شري گوبند رام حڪومتراءِ ٻڌاڻي

جنم: ٢٥-٣-١٩١٦ — ٣-١٢-١٩١٣



شادي: ٣٠-١-١٩٣٢

ڪر ڪرپا جس جو نام ديا
سو جن نرمل ٿيا

اسان جي سڄي پريوار کي سائينءَ مهر ڪري پنهنجو نام بخشيو آهي. لالا ڪوڙومل نانڪ پنٿي هو، پر پنهنجو گرو سائين پارو شاھ کي ڪيائين؛ سندس گر ڀائي هو سائين وسڻ شاھ روهڙيءَ وارو. سندس مِتر هئا ڊاڪٽر روچلداس روهڙيءَ مِتر صوبيسنگھ لاڙڪاڻي وارو، مهراج رامچند، ڀائي لونداس ۽ ڀائي کيمورام سيوهڻ وارا جن سان ڌرمي خيالن جي ڏي وٺ ڪندو هو.

لالا مهوبراءِ بہ نانڪ پنٿي هو ۽ ڀائي ڏيوا سنگھ پهديءَ سان مِترتا هوندي هئس.

لالا دولترامُ وري ٺڪر لالهبار جو پوڄاري هو.

ڀاءُ: موهن مولچند ۽

شريمتي گوپي ٻائي

جنم: ١٥-٢-١٩١٥ — ٢٤-١٢-١٩٧٠



شادي: ١٨-١-١٩٤٢

ڌرمپتني: شريمتي پاربتي

شري ڀڳوان مولچند

جنم: ١٠ فيبروري ١٩١٥ — ٢٦ مي ١٩١٢



شادي: ٢٣ مارچ ١٩٣٥

پنهنجي ٻاري ۾

منهنجو ڏاڏو لالا ڪوڙومل ائارت وسٽرن
ريلوي جي ڪوٺيءَ جي لوڪو شيڊ ۾ ملازم
هئو ۽ منهنجو پيءُ لالا مولچند ڊسٽرڪٽ لوڪل
بورڊ ڪراچيءَ ۾ سب اوورسيئر جي عهدي تي
هو. هو ميرپور بٺوري، سجاول، جاتي تعلقن ۾
ڪم ڪندو هو. اُن ڪري ڪوٺيءَ ۾ منهنجي
ڏاڏي جي سنڀال ۾ منهنجي ماءُ اتي رهندي
هئي ۽ منهنجو پيءُ اڪيلو رهندو هو ۽ وقت نه
وقت ڪوٺيءَ ايندو هو. منهنجو جنم ٢٦ مئي
١٩١٢ع تي ٿيو. جڏهن ته منهنجي ڏاڏي ١٩١٧ع ۾
لاڏاڻو ڪيو ته اسين اچي سيوهڻ ۾ رهياسون.
منهنجي ڏاڏي جو نيم هوندو هئو ته صبوح جو
٤ بجي اٿي سنان ڪري پنهنجي پوڄا پاٺ لاءِ
ويهندو هو. جڏهن مان اٿندو هوس ته منهنجو
هٿ منهن ڌوئي پوڄا جي ڪوٺيءَ ۾ ويهاري
ڏاڍي جهڙي ۾ ڇوٽيرا ٻيل هوندا هئا سي لاهي
هيٺ رکندو هئو ۽ چوندو هئو ته "هري رام"
چئي هڪ داڻو ڏکيءَ ۾ وجهندو وڃ. انهيءَ
طرح مون ۾ ٥ سالن جي عمر ۾ رام نام جو اڄ
ڏنو ويو هو. منهنجو ڏاڏو ١٩٢١ ۾ گذاري ويو.

برهمانڊ ڪيئن ٺهو هلي؟

جواب ڏنم ته مهيجو وشواس آهي ته قدرت هڪ اڻاه چقمق آهي جنهن جا ٻه پاڇا آهن. هڪڙو الرائون اڏ جنهن ۾ ڇڪڻ جي طاقت آهي ۽ ٻيو ڏڪڻائو اڏ جنهن ۾ ڌڪڻ جي طاقت آهي. انهن ٻنهي اڏن جي گڏيل چرپر سان جيڪي ٻجلي ۽ وائڪو ذرائون ذڪرن ٿيون سي سڀئي گرهڻ کي هلائين ٿيون جهڙا ٽن قسمن جون ذرائون ٺڪرن ٿيون. جي آهن:

١- پيدا وار ڪندڙ ذرائون جن کي چئجي ٿو "برهما"

٢- واڌ ڪرڻ واريون ذرائون جن کي چئجي ٿو "وشنو" ۽

٣- مارڻ واريون ذرائون جن کي چئجي ٿو "مهيش".

اهي ٽئي ذرائون هر هڪ شيءِ جڙڪا اسان قدرت ۾ ڏسون ٿا انهن ۾ سمايل آهن جنهن ڪري هر هڪ شيءِ جو جنم - واڌ ۽ موت ٿئي ٿو.

پرماتما

ليکڪ: ٿالا ڀڳوان مولچند شيوهاڻي

پيارا واچڪ

مان . توهان وانگر گهر گرهستيءَ وارو آهيان. اڄ مون ٧٣ سال عمر جا پورا ڪري ٧٤ سال ۾ پير رکيو آهي. اڄ ڪلهه صبوح جو ٥ بجي مونکي آواز آيو:

سدا اٿي جاڳ.. ننڊ نه ڪجهه ايتري
سلطاني سهاڳ.. ننڊ ڪندي نه ملي.

پڇيم سائين ڇا ٿيو؟ آواز آيو: لکڻ جو مان شوقي لکاريءَ آن ته. سو قلم ۽ پنو کڻي ويهي لکڻ. مان خود گهڻو پڙهيل ڪونه آهيان ۽ نه گهڻا ڪتاب پڙهندو آهيان. سو جيڪي لکان ٿو سا لکت منهنجي آهي پر لکائڻ وارو اهو آواز آهي.

پڇيائون ته تو پرماتما ڏٺو آهي. جواب ڏنم ته ها. هيءَ جيڪا سرشٽي اسين ڏسون ٿا ۽ جنهن کي قدرت چئجي ٿو سا پرماتما آهي جنهن لاءِ سائينءَ چيو آهي:

هر شيءِ دي وچ تو هي وسدا

آواز چيو ته جي ائين آهي ته هنڌو سارو

سرڳواسي شري ڏيوان مولچند لالا



ديهانت : ٧ جولاءِ ١٩٨٦

اڪيلو مسافر اڪيلو هليو ويو
ڇڏي ويو اڪيلو، مسافر هليو ويو
سينگار سر جو منو محبت پيارو
ڏيئي داغ دل جو روئڻ لاءِ ڇڏي ويو
اکين جو پيارو، دل جو دلارو
ڇڏي خوشبوءِ گل جهان مان هو الڏي ويو
سنگر جو پيارو، سدائين لاڏو
ڏيئي پل هو پنهنجي گون ڏانهن هليو ويو
گنهگار آهيان ڪندو معاف موٽي
ڏيئي هيءَ جدائي اڪيلو هليو ويو
گون جي مان داسي ڪندو معاف سنگر
ڏيئي هنئون موٽي ۽ ڪاري ڇڏ پيدو
ڪري پت پاري، سا ڪج اون قبول
سنگت جو مليو آهي موٽي قبول.

ارپڻ پتر

ارپيان ٿي سڪ ۽ شرڌا سان

پوجيہ، سرڳواسي ديوتا سروپ پتي ديوتا کي

جو ۷ جولاءِ ۱۹۸٦ هيءَ فاني دنيا ڇڏي

ويو ۽ لاثاني دنيا ڏانهن راهي ٿيو.

شل سائين سندس آتما کي پنهنجي

چرڻن ۾ نواس بخشي.

شيوا ۾:

ڀارتي ڀڳوانداس لالا

پريم، شانتي، اندرا، ڪويتا،

ورشا ۽ سريش

شري جپ صاحب

(ارٿ سميت)

اڪ اونڪار، ست نام، ڪرتا پرک،

ايشور هڪ آهي، جنهن جو نالو ست، سچ آهي. هو سڀني سرشٽيءَ جو رچيندڙ پرش آهي.

نربهؤ نرونر، اڪال مورت، اجوني سئڀن،

هو ڀؤ کان مٿي آهي، ويرڪانسواءِ آهي؛ سندس مورت ڪال کان پري آهي. جونين ۾ نٿو اچي. هو پاڻکي پاڻهي پرڪاش ڪري ٿو.

گر پرساد

اهو گروءَ جي ڪرپا سان ملي ٿو.

جپ

اهڙي پرماتما جو جپ ڪريون.

آد سچ، جگاد سچ، هئڀي سچ

اهو پراڻو شروعات کان سچ آهي، جڳن کان اڳي به سچ هو، هيئنر به سچ آهي.

نانڪ هوسي ڀي سچ

سري گرو نانڪ ديو جن چون ٿا اڳتي به سچ قائم رهندو.

وشواس

وشواس هڪ عقيدو آهي. ٽمر سان ڪانءِ ٻاٽي پڙهي پر ڪڏهن ورلي جي سرڪي ورلي ان پرماتما ڪتل رهي ٿي جنهن ٿي ٻرپوءِ جي مهر هجي.

شري گرو هرگوبند صاحبن اعلان ڪيو ته جيڪو پرامي جپ صاحب جو شڌيءَ سان پاٺ پڙهي پڌائيندو تنهن کي قيمتي گهوڙو ڏنو ويندو. هڪ سک اٿيو. پرام سان جپ صاحب جو پاٺ شروع ڪيو پر جڏهن ٣٧ پوڙي ٿي پهتو ؟ "سچ ڪنڌ وسيءَ ترنڪار" واري سٽ پڙهي تڏهن صاحبن پر ڌيان ان کان لاهي گادي ٿي سک کي ٻڌائي ته اچانڪ سک جي ڪ پرپو ته صاحب الاهي ڪيڏانهن ڏا وڃن جو گهوڙو مونکي ملڻو آهي سو ملندو يا نه! پوءِ گروءَ ساڳيو پر ڌيان ڏي رکيو. پاٺ پورو ڪيو. صاحبن چيو، "پيارا! گهر جيڪي گهرڻو هجيئي سو گهر." سک انهيءَ گهوڙي جي طلب ڪئي. گروجن چيس ته "اچا! اسان توکي اڪال تخت ڏيڻ لاءِ هئاسين." انهن چئي حڪم ڪيائون ته هنکي گهوڙو ڏيو.

جو پرامي سچي دل سان جپ صاحب جو پاٺ ڪري ٿو، پورو انجي من مطابق مدوڪامنا پوري ڪري ٿو.

جپ صاحب جو سڌيءَ پر انهيءَ ڪري سولو ترجمو ڪيو اٿم جيئن لوڪ مطلب سمجهي.

نرسنگهه موتومل سيوهاڻي-

حڪم رجائي چالڻا، ناڻڪ لکئا نال.

جو جيؤ پرڀوءِ جي حڪم ۾ راضي ٿي هلي ٿو اهو حڪم هن جيؤ ساڻ هلجي اندر، لکيو پيو آهي. بابا ناڻڪ چون ٿا ته اهو پرماتما ٿي لکيو آهي.

* پوڙي (٢) *

حڪمي هوون آڪار، حڪم نه ڪهئا جائي

حڪم ڪري هي سڀ روپ بڻجن ٿا. ان حڪم جو پورو بيان ڪري نٿو سگهجي.

حڪمي هوون جيئه، حڪم ملي وڏائي

ان جي حڪم سان سڀ جيو پيدا ٿين ٿا؛ ان جي حڪم سان ٿي جيو کي وڏائي ملي ٿي.

حڪمي اُتم نيچ،
حڪم لکم دکم سکم پائيئه

اُنجي حڪم ڪري ڪي اُتم، ڪي نيچ ٿين ٿا؛ اُنجي حڪم سان لکئي موجب جيو سک دک ڀوڳين ٿا.

اِڪنا حڪمي بخشيش،
اِڪ حڪمي سدا ڀوائيئه

ڪن کي هوُ معافي ڏئي ٿو ته ٻيا کي،

* ٻوڙي (١) *

سوچيءَ سوچ نہ هووي، جي سوچي لکہ وار

باهرين صفائيءَ سان اندر پوتر نٿو ٿئي، جي ڀلي لکہ ڀيرا اشنان ڪريان.

چپيءَ چپ نہ هووئي، جي لاءِ رها لوُ تار

ماٺ تاڙي سان يا سمورو وقت هڪ ٽڪ ڌيان لڳائڻ سان سچي اندر جي شانتي نٿي اچي.

ڀکيا ڀکہ نہ اُتري، جي ٻنا پوريا ڀار

ڪيترائي پدارٿ ڪٺا ڪريان، تہ بہ اندر جي بکہ مٽجي نہ سگهندي.

سهس سياڻپا لکہ هوهہ،

تہ اِڪ نہ چليءَ نال

هزارين يا لکين چترايون ڪٺي ڪريان، تہ هڪ بہ جيو ساڻ نہ هلندي.

ڪو سچيارا هووئيئي،

ڪو ڪوُڙيءَ ٽٽيءَ پال

سچو ڪيئن ٿجي؟ ۽ ڪيئن ڪوڙ جي پار ٽٽي؟

گاويءِ کو وديا وکم ويچار

ڪير آهي جو هنجي وديا جو بيان ڪري سگهي، جنهن جو ويچار ڪرڻ ڏي مشڪل آهي؟

گاويءِ کو ساجِ ڪري تن کيهه

ڪير آهي جو سندس ان ڳائي، جو سرير کي ناهي، وري ناس ڪري ٿو!

گاويءِ کو جيئه ليءِ ڦر ديهه

ڪير آهي جو هن جو بيان ڪري سگهي، جو هن سرير مان پراڻ وٺي، وري اچي ديهه ٿو ڏئي؟

گاويءِ کو جاپيءِ دسيءِ دوُر

ڪير آهي جو سائينءَ جو ذڪر ڪري، جو جاگرت ۾ ڏسڻ کان دوُر آهي؟

گاويءِ کو ويکيءِ حادرا حدوُر

ڪير هنجو وستار ڪري، جو حاضران حضور ليو ويٺو ڏسي!

ڪٿنا ڪٿي نه آويءِ توٽ

ڪيترو نه ڪٿي ڪٿڻ جو بيان ڪجي ته به اُن بيان جي انت، پڇاڙي ڪين اچندي.

سندس حڪم موجب ، وري وري ، جنم مرڻ
جي چڪر ۾ پيا پئجن!

حڪمي اندر سڀ ڪو، ٻاهر حڪم نه ڪوءِ

سڀڪو سندس حڪم اندر ئي آهي، حڪم کان
ٻاهر ڪوبه ڪونهي!

نانڪ حڪمي جي ٻجهيءِ،

ته هومي ڪهيءِ نه ڪوءِ.

گرو نانڪ ديو جن چون ٿا ته جي انسان
حڪم کي ڄاڻي ته جيڪر ”مان مان“ ڇوي
ئي ڪين.

* پوڙي (٣) *

گاويءِ ڪو تاڻ هووي ڪسيءِ تاڻ

ڪير ڀڳوان جي شڪتي ڳائي ٿو سگهي؟
(بيان ڪري سگهي؟) ڪنهن کي اهڙي طاقت
آهي؟

گاويءِ ڪو دات ڄاڻيءِ نيشاڻ

ڪير انجي بخشش، جو بيان ڪري! ڪير
انجون نشانيون ڳالهيون ڄاڻي ٿو؟

گاويءِ ڪو گڻ وڏيائيا چار

ڪير ڀڳوان جي وڏايون جو بيان ڪري ٿو سگهي؟

آکهہ مڱهہ ڏيهہ ڏيهہ، ڏات ڪري ڏاتار

ٻاٻوءَ اڳيان وينتي ڪر:- "ٻاٻا! ڏي ڏي!" ۽ ڏاتار توکي بخشش ڪندو.

ڦير ڪ اڳي رکئي، جت ڏسي دربار
مهو ڪ ٻولڻ ٻوليئي، جت سڻ ڌري پيار

ان جي اڳيان ڪهڙي ڀيٽا رکون جنهن ڪري سندس دربار ڏسي سگهون؟ مکہ سان ٻاٻوءَ کي ڪهڙا مٺا وچن چئون، جي ٻڌي هو پرسن ٿئي ۽ اسانکي ٻهڪدو پيار ڏئي.

انمرت ويلا سچ ناءُ، وڏيائي ويچار

پرڀات جو "ست نام" اچاريون ۽ سائينءَ جي وڏائيءَ جو ڌيان ڪريون.

ڪرمي آوي ڪپڙا، ندري موکہ دوار

ڪرمن ڪري جوٽيون ملن ٿيون ۽ نہ مڪتي! مڪتيءَ جو دروازو ڪرپا جي نظر سان کلي ٿو.

نانڪ ايوي جاڻيئي، سڀ آپي سچيار

گرو نانڪ ديو جن فرمائين ٿا انهن جاڻڻ سان، سندس مهر نظر سان، پروڙ پوي ٿي تہ سڀ ۾ پاڻ هڪ سائين ست آهي.

ھٽ ڪٽ ڪٿي، ڪوٺي ڪوٽ ڪوٽ

ڪروڙن جا ڪروڙ، بيشمار لوڪ ھن جون ڪٿاڻون ڪري پيا وري ڪن.

ديدا دي، اڏدي ڏک پاھ

پرپو پهو ڏئي، انسان وٽي وٽي اڪدي ٿو پوي.

جڳا ڄڳندو ڪاھي ڪام

پرپوء جي اکت پيدار مان جڳن جا جڳ ڪائي پيا ڪاڻون!

حڪمي حڪم چلائي راھ
نازڪ وگسي وبهوواھ

اھو حاڪم پهنجي حڪم ۾ سڀني کي پهنجي پهنجي رستي هلائي ٿو. گروجن چون ٿا پاڪ پهروا ان آنند ۾ رهي ٿو.

* پوڙي (۴) *

ساچا صاحب ساچو ناء، پاکئا پاء اپار

سائين آهي سچو صاحب، ۽ سندس نالو سچ آهي. پرپوء جا پيارا سندس اپيد پيار ڪئين ٿا. پهان ڪن ٿا ۽ پڌائين ٿا.

گرمکه نادن، گرمکه ويدن،
گرمکه رهيا سمائي

(١) گروءَ جو مک يعني اپديش ۾ اناهد شبد ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ۽ شش گروءَ جي مک ۾ ويد يعني گيان ڏسي ٿو. (٢) جو گرمک آهي، گروءَ جي آگيا ۾ رهي ٿو، کيس گيان ملي ٿو ۽ سائين ۾ لوَلين ٿي رهي ٿو.

گر ايسر گر گورک برما، گر پاربتي مائي

سچو شش ٻڌڻي گروءَ جي مک ۾ (١) شو، (٢) وشنو، (٣) برهما ۽ (٤) پاربتي ديوي، جڳت جننيءَ جو روپ ڏسي ٿو.

جي هئُہ جاڻا، آکا ناهي،
کهڻا ڪٿن نہ جائي

جي مان پربوءَ کي جاڻان، تہ بہ ورنن ڪٿن ڪريان؟ ڇو تہ اکرن سان پرڀوءَ جو ذڪر ٿي نٿو سگهي.

گرا اڪ ديهہ ٻجهائي

هي گروا تو هڪ ڳالهہ ڏني آهي سمجهائي.

* ٻوڙي (٥) *

ڏاپڻا نه جاءِ ڪيڏا نه هوءِ

پرماتما ڪنهن جو اسٿاپن ڪين ڪٿهي، ۽ نه ڪنهن جو پابند آهي.

آپي آپ نرنجن سوءِ

پرڀو پاڻ ئي پاڻ مايا کان مٿي آهي.

جن سيوڙا، تن پاڙڻا مان

جن پرڀوءَ جي سيوا ڪئي آهي، تن سڀو مان پاتو آهي.

نانڪ گاوِئيءَ گڻي نڌان

گرو نانڪ جن چون ٿا اهڙي گڻن جي خزاني پرڀوءَ جو جس ڳائڻ گهرجي.

گاويئي سڻيئيءَ، من رکيئيءَ ڀاءُ

ڳايو! سڻو! من ۾ پيار رکو!

دک پر هر سک گهر لئي جاءِ

انهن ڪرڻ سان دک دور ٿين ٿا. انسان سک جا گهر کڻي وڃي ٿو.

سمنڊ، سبزيءَ اندر رکيل، جواهر، ماڻڪ
پاتي ٿو.

گرا اڪ ديهہ پڄوائي
سڀئا جيئا ڪا اڪ داتا،
سو ميءِ وسر نہ جائي

هي گروا تو هڪ ڳالهہ ڏني آهي سمجهائي تہ سڀني جيئن جو هڪ داتار آهي، سو ٿل مون کي وسري نہ وڃي.

* پئوڙي (٧) *

جي جڳہ چاري آرجا، هور دسوڻي هوءِ

جيڪڏهن ڪنهن جي عمر چئن جڳن جيڏي ٿي پوي، بلڪ اُنهيءَ کان بہ ڏهوڻي ٿي پوس.

نوا کنڊا وچ جاڻيئي،
نال چلي سڀ ڪوءِ

جي ڪيس ڪٽي نون ئي کنڊن ۾ لوڪ سڃاڻن ۽ سڀڪوئي ساڻس ئي هلي.

چنگا ناءُ رکائي ڪي، جس ڪيرت جڳہ ليئہ

چڱو نالو رکائي، جهان جو جس ۽ ناموس هٿ ڪري.

سڀنا جيئا ڪا اِڪ داتا،

سو مَي وسر نہ جائي

سڀني جيئن جو هڪ داتار آهي، سو شل
منهنجي وسري نہ وڃي.

* پوڙي (٦) *

تيرٿ ناوا، جي تس ڀاوا،

وڻ ڀاڻي ڪ ناءِ ڪري

تيرٿن تي وڃي اشنان ڪريون، جي ان پرڀوءَ
کي وڻون. انجي راضپي کانسواءِ اشنان ڪري
ڇا ڪجو.

جيتي سرٺ اُپائي ويکا،

وڻ ڪرما ڪ ملےٰ لئي

جيتري سرشٽي پيدا ڪيل ڏسان ٿو، تنهن ۾
مهر بنا ڇا آهي جو ڪٿي هلجي؟

مت وچ رتن جواهر ماڻڪ،

جي اڪ گر کي سک سڻي

جي گروءَ جي سکيا سڻي ٿو، اهو ان گرمت،

سڻيئي ڌرت ڌول آڪاس

سڻڻ کري ڌرتي ۽ ڌول (ڌرتيءَ جو آڌار) ۽ آڪاس ٿيا آهن.

سڻيئي ديپ لوء پاتال

سڻڻ کري کنڊ، ملڪ (هتي جا لوڪ) ۽ سرڳ لوڪ ۽ پاتال لوڪ ٿيا آهن.

سڻيئي پوهہ نہ سڪيءَ ڪال

سڻڻ کري ڪال بہ ڇهي نٿو سگهي.

نانڪ ڀڳتا سدا وگاس
سڻيئي دُکہ پاپ ڪا ناس

گرو نانڪ جن چون ٿا جي ڀڳتيءَ ۾ رتل آهن، سي آنند ۾ آهن. سڻڻ کري اُنهن جو دکہ ۽ پاپ ناس ٿئي ٿو.

* پوڙي (٩) *

سڻيئي ايسر برما اِند

نام جي سڻڻ کري، شو، برهما ۽ اندر ٿيا آهن.

سڻيئي مکہ سالاهڻ منڊ

سڻڻ سان نيچن بہ اُچا، بہ سالاهڻ ڪي مکہ سان سالاهين ٿا.

جي تسندر نه آوڻي،
ته وات نه پڇيءَ ڪي

جي هڏهي ڪرها جي نظر ۾ نه اچي ته ڪوڻ
سندس ڳالهه نه پڇندو ته "آهين ڪير؟"

ڪيڏا اندر ڪيٽ ڪر، دوسي دوس ڏري

ڪيترن ۾ ڪمينڻون ٿئي ۽ متس ڀاڪي ۽ ڀاپ
ڌر ڀڳ ٿا.

ڏانڪ ذرگٺ گڻ ڪري، گھوٽڻا گڻ دي

گرو ڏانڪ ڊ ڀو جن چون ٿـا ته جي ذرگٺ آهن
تن سان ۽ ٻرپو گڻ، مهرباني ڪري ٿو ۽ جي
گھوان آهن تن کي وڏيڪ گڻ، سمت بخشي ٿو.

ڏيها ڪوء نه سڄهڻي،
جه تس گڻ ڪوء ڪري

اهڙو ڏهڙو، ڪوه، ٿو سڄهي، جو سائينءَ سان
مهرباني ڪري.

* ٻوڙي (٨) *

سڻيڻيءَ سڌ ٻير سر ذات

شهد، ٿـام، سڌام شروع ڪري سڌ ٻير،
ڊ ڀوڙا ۽ ذاتف ٿيا آهن.

سٽيئي لاڳي سهجهه ڌيان

نام سٽ سان سوالي ڌيان ٻاهوء ۾ لڳي ٿو.

ڏانڪ ٻڳتا سدا وگاس

سٽيئي دوُکہ پاپ کا ناس

گرو نانڪ ديو چون ٿا جي ٻڳتيءَ ۾ رتل آهن، سي آنند ۾ آهن. سٽ ڪري هنن جو دک ۽ پاپ ناس ٿئي ٿو.

* پوڙي (١١) *

سٽيئي سرا گڻا کي گاهه

نام جي پڌ ڪري گڻن جو سمنڊ اهڙي ٻاهوء کي هٿ ڪجي ٿو.

سٽيئي شيخ پير پاتشاهه

جو پاڻي سٽي ٿو، سو گياني يا نيتا يا سچو پاتشاهه ٿي پوي ٿو.

سٽيئي انڌي پاوهه راهه

پڌ سان انڌي کي به رستو ملي ٿو.

سٽيئي هاٿ هووي اسگاهه

سٽ سان اي اٿمڪ، اٿاهه هٿ ۾ اچي ٿو.

سڻئيءِ جوڳ جڳت تن ڀيد

سڻڻ سان يوڳ حاصل ٿئي ٿو ۽ سمرٿ جي ڀڳتي هٿ اچي ٿي ۽ سرير جي ڀيد جي پروڙ پوي ٿي.

سڻئيءِ ساسٽ سمرت ويد

سڻڻ سان شاسترن، سمرتين ۽ ويدن جي پروڙ پوي ٿي.

ناڻڪ ڀڳتا سدا وگاس
سڻئيءِ دوکہ پاپ ڪا ناس

گرو ناڻڪ ديو جن فرمائين ٿا جي ڀڳتيءَ ۾ رتل آهن، سي آنند ۾ آهن. سڻڻ ڪري انهن جو دک ۽ پاپ ناس ٿئي ٿو.

* پؤڙي (١٠) *

سڻئيءِ ست سنتوکہ گيان

سڻڻ ڪري سچ، سنتوش ۽ گيان حاصل ٿين ٿا.

سڻئيءِ آٺ سٺ ڪا اشنان
سڻئيءِ پڙ پڙ پاوهہ مان

سڻڻ سان ٦٨ تيرٿن جو اشنان حاصل ٿئي ٿو. جو سڻي ٿو، سو پڙهي پڙهي، مان پائي ٿو.

اُئِسا نام نِرنجن هوءِ

جيڪو مَن، جاڻيءِ مَن ڪو

اِهو نام نِرنجن آهي، جيڪو اُن نام کي مڃي ٿو، اهو پنهنجي مَن ۾ جاڻي ٿو.

* پوڙي (١٣) *

مڃي سرت هووي مَن ٻڌ

مڃڻ ڪري مَن ۽ ٻڌيءَ ۾ ڌيان لڳي ٿو.

مڃيءِ سگل ڀوڻ ڪي سڌ

مڃڻ ڪري سڀني لوڪن جي سڌ ٿئي ٿي.

مڃيءِ مهه چوٽا نا کاءِ

مڃيءِ جم کي سات نه جاءِ

جو مڃي ٿو سو مُنهن ۾ چوٽون نٿو کائي ۽ اهو ڪال سان گڏ نٿو وڃي.

اُئِسا نام نِرنجن هوءِ

جيڪو مَن، جاڻيءِ مَن ڪوءِ

اهو نام نِرنجن آهي. جيڪو اُن کي مڃي ٿو اهو مَن ئي مَن ۾ جاڻي ٿو.

نانڪ ڀڳتا سدا وگاس
سڻئيءَ دوکھ پاپ کا ناس

گرو جن فرمائن ٿا جي ڀڳتيءَ ۾ رتل آهن سي آنند ۾ آهن ۽ سڻڻ سان هنن جو دکھ ۽ پاپ ناس ٿين ٿا.

* پوڙي (١٢) *

منيءَ ڪي گت، ڪهي نہ جاءِ
جو نام هردي ۾ ڌاري ٿو، اُنجي مهما ڪري نٿي سگهجي.

جي ڪو ڪهيءَ پڇيءَ پڇتاءِ
جيڪڏهن ڪو بہ هٿ ۾ پرچي ڇوي نہ سان تہ ذڪر ڪرڻ تہ اهو (هنيلو) پوءِ پڇتائيندو.

ڪاگد قلم نہ لکڻ هار
منيءَ ڪا ٻهہ ڪرن ويچار
جيڪي منڃين ٿا تن باٻت ويهي ويچار ڪري لکڻ واسطي نڪي ڪاغذ آهي، نڪي قلم آهي، نڪي ليکڪ آهي.

مڃيءَ تريءَ تاري گر سکه

جو مڃي ٿو سو پاڻ تري ٿو ۽ ٻين کي به تاري ٿو.

مڃيءَ نانڪ ڀوهه نه ڀکه

گرو نانڪ ديو جن چون ٿا جو مڃي ٿو سو جوگين ۾ نٿو ڀٽڪي.

ائسا نام نرنجن هوءِ

جيکو من، جاڻيءَ من کو

اهو نام نرنجن آهي، جيڪو انکي مڃي ٿو، اهو من ئي من ۾ جاڻي ٿو.

* پوڙي (١٦) *

پنچ پرواڻ، پنچ پرڌان

پنچ قبول پيل آهن ۽ مکيه پڻ پڌرا آهن.

پنچي پاوهه درگهه مان

اهڙن پنچن کي درٻار ۾ مان ملي ٿو.

پنچي سوههه در راجان

اهي پنچ پرڀوءَ جي درٻار ۾ پيا سونهن، پيا چمڪن.

پنچا کا گر ايڪ ڌيان

انهن پنچن ئي جو ڌيان هڪ گروه (پرڀوءَ) ۾ آهي.

* ٻوڙي (١٤) *

مٺي ء مارگه ٿڪ نه پاءِ

جو مڃي ٿو، انجي راه ۾ روڪ نٿي ٿئي.

مٺي ء پٽ سڌ ٻرگٽ جاء

جو مڃي ٿو سو ذاکير کلاٻو آروُ سان ڏرٻار ۾ وڃي ٿو.

مٺي ء مگه نه چلي ء پٺت

جو مڃي ٿو، سو راه ۾ موڳو نٿو اٿي.

مٺي ء ڌرم سيتي سنٻنڌ

جو مڃي ٿو انجو ناتو، انجي پريت ڌرم سان نٿي ٿي.

اٿسا نام نرنجن هوء

جيڪو من، جاڳي ء من کوء

اهو نام نرنجن آهي، جيڪو انکي مڃي ٿو، اهو من ئي من ۾ جاڳي ٿو.

* ٻوڙي (١٥) *

مٺي ء پاوهه موکه دئار

مٺي ء پر واري ء ساڌار

جو مڃي ٿو انکي موک دوار ملي ٿو ؛ اهو کٽمب کي سڌاري ٿو.

جيءَ، جات رنگا ڪي ناو

ڪيترا نه جيو آهن ۽ ڪيترن نه ناليون!
۽ اُن جا رنگ ۽ نالا ڪيترا نه آهن!

سڀنا لکئا وُڙي ڪلام

هي سڀني جي اُرڙ لي قسمت جو ليک لکيل آهي.

ايهُه ليکا لکِ جاڻيءَ ڪوءِ

ليکا لکئا ڪيتا هوءِ

هن ليکي کي ڪير لکي جاڻي؟ ۽ جي اهو ليکو کڻي لکجي ته ڪيترو نه ٿيندو!

ڪيتا تاڻُ، سُئالهه رُوپ

ڪيترو نه سهڻو بل آهي ۽ ڪهڙو نه سندر سهڻو رُوپ آهي.

ڪيتي دات، جاڻيءَ ڪوڻُ قوت

ڪيتري نه مهر مالڪ جي آهي! ڪيترو نه ڪاٿو پرپو نه ٿي ٿو.

ڪيتا پساءُ ايڪو ڪواءُ

پرڀو! تو هڪڙي وچن سان هن دنيا جو ڪيترو نه واڌارو ڪيو آهي.

هي ڪو ڪهيءِ ڪريءِ ويچار
ڪرتي ڪيءِ ڪرڻيءِ ناهي شمار

جيڪڏهن ڪو ٻاهوءَ جو ويچار ڪري ذڪر ڪندو ته ڪرتار جي ڪمن جي انت ئي ڪونهي.

ڌول ڌرم دئيا ڪا پُوت

ڌرم روپي ڍڳو دَيا جو پٽ آهي.

سنتوک ٿاپ رکيا جن سوت

اهو اُهو، ڌرم روپي ڍڳو سائينءَ سنتوک روپي ڌاڳي سان ٻڌو آهي.

جيڪو ٻجهيءِ هوويءِ سچيار

جيڪو اها ڳالهه ڄاڻي ٿو، سوئي سچيار آهي.

ڌوليءِ اوپر ڪيتا ڀار

انهيءَ ڌول (ڌرم روپي ڍڳي) تي ڪيترو نه ڀار آهي.

ڌرتي هور پريءِ هور هور
تس تي ڀار تليءِ ڪوڻ جور

هن ڌرتيءَ هيٺان ٻي ڌرتي آهي، اُن جي هيٺان وري ٻي آهي ۽ اهڙي طرح وري ٻي آهي. سڀ کان هيٺينءَ ڌرتيءَ جي ڀار هيٺان ڌرم روپي ڍڳي کي ڪنهن جو آڌار آهي؟

اسنکہ گرنٿ، مکہ ويد پاٺ

اسنکن ۽ ويدن جو پاٺ مکہ سان کندڙ بہ بيشمار آهن.

اسنکہ جوگہ، من رهہ اداس

انيڪ جوڳي آهن جيڪي من ۾ اداس رهن ٿا.

اسنکہ ڀڳت، گڻ گيان ويچار

بيشمار ڀڳت آهن جي پرڀوءَ جي ڀلاين ۽ برهم گيان جو ويچار ڪن ٿا.

اسنکہ ستي، اسنکہ داتار

ڪيترا ستوادي آهن ۽ دان ڪرڻ وارا آهن.

اسنکہ سور، مہ ڀکہ سار

انيڪ اهڙا سورما آهن جي منهن تي لوهہ جي هٿيارن جا ڌڪ کائين ٿا.

اسنکہ مون، لولاءِ تار

انيڪ مؤني آهن جي سائينءَ سان هڪ ٽڪ لو لڳائي سانت ۾ رهن ٿا.

قدرت ڪوڻ ڪها ويچار

انهن جي ڪهڙي قدرت جو، سائين ويچار ڪريان؟

تس تي هوئي اکه دريئاءِ

هڪ واڪ مان انيڪ درياه بڻجي ويا آهن.

قدرت ڪوڻ ڪها ويچار

وارتا نه جاوا ايڪ وار

هڪ هڪ لهڻجي قدرت جي شمار، اي انت آهي. هڪ نعو نه، پر وري وري توتان گهوري ٿو وڃان، قربان.

جو تڌ ڀاويءِ سائي ڀلي ڪار

تون سدا سلامت نرنڪار

جيڪي توکي وڻي ٿو، سوئي اسانجو ڀلو ڪرڻ ٿو. هي نرنڪار! تون سدائين سلامت، سدائين قائم آهين.

* پوڙي (١٧) *

اسنک جپ، اسنک ڀاءُ

بيشمار جپ ڪندڙ انيڪ آهن ۽ ساڳيس پريم ڪندڙ به انيڪ آهن.

اسنک پوجا، اسنک تپ تاءُ

بيشمار پوجا ڪندڙ به انيڪ آهن ۽ تپسائون ڪندڙ به انيڪ آهن.

اسنک پاپي پاپ ڪر جاھ

بيشمار پاپي آهن، جي پاپ ڪري مري وڃن ٿا.

اسنک ڪوڙيار، ڪوڙي ڦراھ

ڪيترائي ڪوڙا آهن، جي ڪوڙ ۾ ٻڏا ڦرن.

اسنک مليڇ مل ڀکھ کاھ

انيڪ مليڇ آهن جي گندو کاڌو کائين ٿا.

اسنک نندڪ، سر ڪرھ ڀار

انيڪ نندا ڪندڙ آهن جي سر تي بار ٿا چاڙهين.

نانڪ نيچ، ڪهي ويچار

گرو نانڪ چوي ٿو:- "مان نيچ هي ويچار ٻڌايان ٿو."

وارِيا نہ جاوا ايڪ وار

هڪ دفعو به، ٻيهر وري توتان گهوري قربان ٿيان.

جو تڌ ڀاوئي سائي ڀلي ڪار
تون سدا سلامت نرنڪار

سائين! توکي جيڪي وڻي ٿو، سوئي اسان جو ڀلو ڪرڻ ٿو. هي نرنڪار! تون سدائين سلامت، سدائين قائم آهين.

وارِ ٿا نہ جاوا ايڪ وار

هڪ دفعو نہ ٻہ ڀيرا ورن ٿا.

جو تنهن ڀاوي، سائين ڀلي ڪار
تون سدا سلامت نرنڪار

لوڪي جيڪي وڻي ٿو، سوئي اسان جو ڀلو
ڪرڻ تون ئي نرنڪار! تون سدائين سلامت،
سدائين قائم آهين.

* (١٨) پوڙي *

اسنکہ مورکہ، اندھ گھور
اسنکہ چور، حرام خور

انيڪ آهن مورکہ، اگياني آهن ۽ ڪيترائي
آهن چور ۽ آهي جي ايمان جو اَن نٿا کائين.

اسنکہ امر کر جاهہ جور

انيڪ آهن جي زوريءَ حڪمراني ڪري هليا
ويا ٿا.

اسنکہ گل وڍ، هتيا کماهہ

ڪيترا آهن جي ٻين جي گلا ڪٽيا ڪن ۽ هتيا
ڪن.

اکرا سر، سڀڄوڳ وکاڻ

اکون جي وسھلي مستڪ تي پرالبڌ جو ليک
لکيل آهي.

جن ايهہ لکي تس سر ناهہ

جنهن پرڀوء جي مستڪ تي اهو ليک
لکي ڇڏيو آهي، تنهنجي سر تي ڪو به ليک
لکيل نہ آهي.

جو فرمائي، تو تو پاهہ

جئن پرڀو هلائي تئين، أن موجب جيئو ڦل
پائي ٿو.

جيتا ڪيتا، تيتا ناءُ

جيڏو سندس رچيل سنسار آهي، اوڏو وڏو
سندس نام آهي.

وڻ ناوي ناهي ڪو ٺاءُ

نام، شبد ڪانسواءِ ڪو به مڪان ڪونهي.

قدرت ڪوڻ ڪها ويچار

وارئا نہ جاوا ايڪ وار

تنهنجي ڪهڙي قدرت جو ورنن ڪريان؟
هڪ دفعو به تو وري وري توتان گھوري قربان وڃان.

* ٻوڙي (١٩) *

اسڪ داو، اسڪ ڏاو

ايشور جا ٻالا بيشمار آهن ۽ انجي وهڻ جون جايون بہ انيڪ آهن.

اگم اگم اسڪ اوء

بيشمار لوڪ آهن جي جاڻڻ کان ٻاهر آهن.

اسڪ ڪوهم، سر ڀار هوء

انيڪ ٻڌجي سر تي ٻار رکي ڇائين ٿا.

اکوي نام، اکوي ساله

اکرن جي مدد سان نام ڄاڻجي ٿو ۽ اکرن جي مدد سان ايشور جي ساراه ڪريون ٿا.

اکري گڻان، گيت گڻ گاهم

اکر دوارا گيان حاصل ٿئي ٿو ۽ ايشور جي گڻن جا گيت ڇائجن ٿا.

اکري لکڻ، ٻولڻ ٻاڻ

شبد جي وسيلي ٻاڻي لکجي ٿي ۽ اچارجي ٿي.

پُني پاپي، آکڻ ناهه

پُنِ ۽ پاپ ڪرڻ جو ذڪر نه، جيئو ڪري نٿو سگهي.

ڪر ڪر ڪرڻا، لکه لئي جاهه

ڪم ڪاريون لکئي موجب ٿين ٿيون. اهو لکيو ڪٽي وڃو ٿا.

آپي بيجه، آپهي کاهه

جهڙو ڪو ٻج پوکي ٿو، تهڙو ئي کائي ٿو.

نانڪ حڪمي آوهه جاهه

گروجن چون ٿا ته سائين جي حڪم ۾ جيو جنم مرڻ جي چڪر ۾ اچي وڃي ٿو.

* پوڙي (٢١) *

تيرٿ تپ، دئيا دت دان

جي ڪو پاوي تل ڪا مان

جي تيرٿ ٿا ڪن ۽ تپسيائون ٿا ڪن ۽ دِيا ڌاري دان ٿا ڪن، تنکي ستگر جي دربار ۾ تر جيترو به مس مان ملي ٿو.

جو تُڌ ڀاوي، سائي ڀلي ڪار
تون سدا سلامت نرنڪا

سائين! تو کي جيڪي وڻي ٿو، تنهن ۾ اسانجو ڀلو ڪرڻ ٿو. هي نرنڪار! تون سدائين سلامت سدائين قائم آهين.

* پوڙي (٢٠) *

ڀريئي هٿ پير، تن ديهه
پاڻي ڌوتي، اُترس کيهه

جيڪڏهن هٿ پير، تن، ٻلڪ سڄو سرير ڪن سان ڀرجي وڃي ته پاڻيءَ سان ڌوئڻ سان اها ميل، گندگي لهي وڃي ٿي.

موت پليتي ڪپڙ هوءِ
دي صابوڻ، لئيئي اوهه ڌوءِ

جيڪڏهن ڪپڙو مُتر ۾ خراب ٿئي ته اُن کي صابڻ سان ڌوئي صاف ڪرڻو آ.

ڀريئي مت پاپا ڪي سنگ
اوهه ڌوپئي، ناوي ڪي رنگ

جڏهن پاپن جي سنگ ۾ اسانجي بُڌي خراب ٿئي ٿي، تڏهن اها نام جي رنگ سان ڌوپجي ٿي.

اها ويل ڪهڙي هئي، وقت ڪهڙو هو، ٿت ڪهڙي هئي ۽ ڏينهن ڪهڙو هو؟ موسم ڪهڙي هئي، مهنو ڪهڙو هو، جڏهن هي روپ پرڪاش ٿيا؟

ويل نه پائيا پنڊتين،

جه هووي ليکه پراڻ

وقت نه پائيو قاديا،

جه لکن ليکه قراڻ

ان ويل جي پنڊتن کي خبر ڪانهي، نه ته پراڻن ۾ لکن ها. نڪي قاضين کي ان وقت جي خبر آهي، نه ته قران ۾ لکي ڇڏين ها.

ٿت وار نا جوڳي جاڻيءَ،

رت ماهه نه ڪوئي،

جا ڪرتا سرٺي ڪئه ساجي،

آپي جاڻيءَ سوئي

جوڳين کي به ان لٿ ۽ ڏينهن ۽ موسم ۽ مهني جي خبر ڪانهي. هڪ ڪرتار کي ئي سڌ آهي، جنهن ساري سرشٽي رچي آهي.

سڻئي منئي من ڪيتا ڀاءُ
انتر گت تيرٿ مل ناءُ

جي نام سڻن ٿا، نام جو مڃن ٿا ۽ من ۾ نام سان پريم رکن ٿا، سي هردي جي اندر تيرٿن جو اشنان ڪري مل دور ڪن ٿا.

سڀ گڻ تيري، مئي ناهي ڪوءِ
وڻ گڻ ڪيتي ڀڳت نه هوءِ

پرڀو! سڀ گڻ تنهنجا ئي آهن. مون ۾ هڪ گڻ به ڪونهي. تنهنجي گڻن ڳائڻ کانسواءِ، تنهنجي ڀڄن کانسواءِ، ڀڳتي ٿئي نٿي.

سئست آٿ، باڻي برماءُ
ست سهاڻ، سدا من چاءُ

ڪلياڻ روپ پرڀوءَ مان مايا آئي ۽ پوءِ باڻيءَ شبد جي شڪتيءَ مان، برهما، وشنو، مهيش آيا. پرڀو ست آهي، سونهن وارو آهي ۽ سندس اندر سدا آنند آهي.

ڪوڻ سو ويلا، وقت ڪوڻ،
ڪوڻ ٿت، ڪوڻ وار
ڪوڻ سي رتي، ماهه ڪوڻ،
جت هوا آڪار

* پؤڙي (٢٢) *

پاتالا پاتال، لک آگاسا آگاس
اوڙک اوڙک ڀال ٿڪي
ويد ڪهن اک وات

لکين پاتال جا پاتال آهن ۽ لکين آڪاس آهن! ماڻهن ڀوڙهه جي انت پائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ٿڪجي پيا. ويد به اهائي هڪ ڳالهه چون ٿا.

سهس اٺاره ڪهن ڪتيبا،
اصلُو اک ذات

هزارن شاسترن ۽ ١٨ پراڻن ۾ ۽ مسلمانن جي ڪتابن ۾ چون ٿا ته اصل ۾ سڀ جو مُول هڪ پرماتما آهي.

ليکا هوءِ ته لکيئي، ليکي هوءِ وڻاس

مالڪ جو ليکو ٿي سگهي ته لکجي، پر ليکو ڪندي، ليک ڪرڻ وارو ناس ٿي ويندو.

نانڪ وڏا آکيئي، آپي جاڻي آپ

گرو نانڪ چوي ٿو ته "پرڀو کي ئي وڏو چوڻ گهرجي جو پرڀو ئي پاڻ کي سڃاڻي ٿو."

کو کر آکا، کو سالا هي،
کئہ ورني، کو جاڏا
ڏاڏک آکڻ سڀکو آکيءِ،
اِک دوُ اِک سياڏا

سانئيءَ جو ذکر کئن کريان؟ کيس کئن ساراهيان؟ ڇوي ته سڀکو پنهنجو ٻر هک ٻاڏکي اٿي کان وڏيک سياڏو پنهنجو سمجهي!

وڏا صاحب وڏي ڏاڏي،
کيڏا جاکا هوويءِ،
ڏاڏک جيکو آنو جاڏيءِ،
آکيءِ کڏيا نه سوهيءِ

جنهن جي هيءَ رچنا آهي سو پڻو ته وڏو صاحب آهي ۽ سندس نالو وڏو آهي- جو اڄان ۾ ٻاڏکي کا چپز کري تنو سمجهي، سو اڄڪلهه ٻڙڦوءَ جي ڊرٻار ۾ سونهندو ني کئن.

انت نه ڪرڻي، ديڻ نه انت

پرڀوءَ جي رچنا جو انت ڪونهي. پرڀوءَ جو ڏنو آهي اُن جو به انت ڪونهي.

انت نه ويکڻ، سڻڻ نه انت

پرماتما جي ڏسڻ جو انت ڪونهي، نڪي هن جي ٻڌڻ جو ڪو انت آهي.

انت نه جاپيءِ، ڪٿا من مت

اهو انت به نٿو ڄاتو وڃي ته پرڀوءَ جو مطلب ڪهڙو آهي؟

انت نه جاپيءِ، ڪيتا آڪار

اها به ڄاڻ نٿي پوي ته هن جا ڪيترا روپ آهن؟

انت نه جاپيءِ، پاراوار

شروعات ۽ آخر جو انت به معلوم نٿو ڪري سگهجي.

انت ڪارڻ، ڪيتي بللاهه
تاڪي انت نه پائي جاهه

سندس انت پائڻ لاءِ ڪيترائي پيا ولاپ ڪن، ته به اُنهو انت نٿو پاتو وڃي.

* پوڙي (۲۳) *

سالاهي سالاهه، ايتي سرت نه پائيا

ساراهه ڪرڻ وارا پڳت پرڀوءَ جي ساراهه ڪن ٿا، پر ڪين پوري پوري ڪالهي.

نديا اتي واهه، پوهه سمند نه جاڻيهه

نديون ۽ واهه سمنڊ ۾ وڃي پون ٿا پر سمنڊ جو انت نٿا پائي سگهن.

سمنڊ ساهه سلطان، گرها سيتي مال ڌن،

ڪيڙي تل نه هووني،

جي تس منهه نه وسرهه

شاهه سلطان اُن جا مثال خزاني جي ڀنڊار سان ڀريل آهن. اُن وقت مال اهڙو آهي جو جبلن جي چوٽيءَ سان پهچي، پر اهي هڪ ڪيڙيءَ جي برابر به نه آهن، جيڪڏهن اُن ڪيڙيءَ جي من مان پرڀو نٿو وسري.

* پوڙي (۲۴) *

انت نه صفتي، ڪهڻ نه انت

پرڀوءَ جي گڻن جو انت ڪو نهي. انهن گڻن جو ذڪر ڪرڻ مان انت ڪري سگهان

* ٻوڙي (٢٥) *

ٻهڏا ڪرم، لکڻا نه جاءِ

مالڪ جون مهربانيون تمام گهڻيون آهن، انهن جو بيان لکي نٿو سگهجي.

وڏا داتا، ڏل نه تماءِ

ايشور وڏو داتار آهي. اُن کي ڪا جيتري به تمنا ڪانهي.

ڪيتي منگهه جوڌ اپار

ڪيترائي جوڌا، سمت اچي سائينءَ در تمنا ڪن ٿا.

ڪيتڙا گڻت نهي ويچار

ڪيترائي آهن جي ڪام ڳڻتي ڪين ڪن.

ڪيتي کپ تٽهه ويڪار

ڪيترائي آهن جي وڪارن ۾ رهي گذري نس ٿي نا وڃن.

ڪيتي لي لي مڪر پاهه

ڪيترائي آهن جي (سائينءَ کان دان) وٺي وٺي اَلي وڃن ٿا.

ڪيتي مورکه کاهي کاهه

ڪيترا مورک آهن جي کائي پيا کائين.

ايهہ انت نہ جاڻيءِ ڪوءِ
ٻهتا ڪهيڻيءِ، ٻهتا هوءِ

اهو انت ڪو نٿو جاڻي - جيئن گهڻو ٻيا چئون، تيئن ٻيا ڏسون ٿا. هو اڃا ٻہ وڌيڪ آهي.

وڏا صاحب، اوچا ٿاءُ
اوچي اوپر، اوچا ناءُ

وڏو صاحب آهي ۽ سندس آستان اوچو آهي. پر انهن سڀني کان اوچو سندس نالو آهي.

ايوڏ اوچا، هووي ڪوءِ
تس اوچي ڪئہ، جاڻيءِ سوءِ

هن وڏي کان جو وڏو هجي، سوئي ان وڏي صاحب کي جاڻي ٿو سگهي.

جيوڏ آپ، جاڻيءِ آپ آپ

هو جيڏو وڏو آهي، اوڏو ئي هو پاڻ ئي پاڻکي سڃاڻي ٿو.

نانڪ ندري ڪرمي دات

گرو نانڪ جن چون ٿا ”هي پرڀو! مهر جي نظر سان نهار.“

جس نو بخشي صفت سالاھ

ناڻڪ پاتشاھي پاتشاھ

جن ٻيارن کي ٻڙو ٻهڏجن ڳڻن جي ساراھڻ
جي بخشيش ڏني آهي، سي، گروجن چون ٿا ته
بادشاهن جا به بادشاه آهن.

* پوڙي (٢٦) *

امل گڻ، امل واپار

امل واپاريئي، امل ڀنڊار

اهڙن ٻروءَ جي ٻيارن جا گڻ ٻي ٻها آهن.
انهن سان واپار ڪرڻ جو ملهه به ٻڌو ڪٿي سگهجي.
جي اهو سچو واپار، سچو سودو ڪن ٿا، سي
املهه آهن ۽ سندن ڀنڊار روحاني خزانو به
املهه آهي.

امل آوهه، امل ليءِ جاهه

امل ڀاءِ، املا سماهه

جي ونس اچن ٿا سي به املهه آهن، جيڪي
انهن کان وٺي وڃن ٿا، سي به املهه آهن. سندس
پريم املهه آهي. سندن ڳڻن ڀرپور سمائڻ به
املهه آهي.

ڪيتڙا ڏک ڀک سد مار

ڪيترن کي ڏک ۽ بک جي مار سدائين
لڳي پوي.

اِهہ ڀہ دات، تيري داتار

هي داتار! اها بہ تنهنجي دات، مهرباني آهي.

بند خلاصي ڀاڻيءِ هوءِ

بند مان ڇٽڪ تنهنجي حڪم ۾ ٿئي ٿو.

هور آکہ نہ سڪيءِ ڪوءِ

ٻيو ڪوبہ ڪونہ توکي چئي سگهندو.

جي ڪو کائڪ آکڻ پاءِ

اوهہ ڄاڻيءِ جيتيا موهہ کاءِ

جيڪڏهن ڪو مورک توکي چوڻ لڳندو تہ
هنکي منهن تي موچڙا لڳندا، جن جي خبر آن
کي ئي پوندي.

آپي ڄاڻيءِ، آپي ديءِ

پرڀو پاڻ ڄاڻي ٿو ۽ پاڻ ئي سڀني کي ڏئي ٿو.

آکهہ سہ ڀہ ڪيئي ڪيءِ

اها ڳالهہ بہ هڪ کي سائين گهرجن آهر
ڏئي ٿو، سا بہ ڪي وِرلي چون ٿا.

آکهہ برهمي، آکهہ اِندُ
آکهہ گوپي، تيءِ گووند

برهما ۽ اندر ۽ انهي استتي ڪن ٿا، گوپيون ۽ سري ڪرشن ۽ هن جا گڻ ڳائين ٿا.

آکهہ ايسر، آکهہ سڌ
آکهہ ڪيتي، ڪيتي ٻڌ

ڪيترائي شو، سڌ ۽ ٻڌ آهن سي وڏا پرڀوءَ جو نام ڳائن.

آکهہ دانو، آکهہ ديو
آکهہ سرِ نرِ، منِ جن سيو

دئيت، ديو ۽ منش، مني، ڀڳت ۽ شهوڪ سڀ پرڀوءَ جي استت پيا ڪن.

ڪيتي آکهہ آکڻ پاهہ
ڪيتي ڪهہ ڪهہ، اُٿ اُٿ جاهہ

ڪيترائي استت ڪري ڪري، وري ٿيا ڪي ۽ ڪيترائي پرڀوءَ جا گڻ ڳائي، هن دنيا مان هليا وڃن ٿا.

ايتي ڪيتي، هور ڪريهہ
تہ آکہ نہ سڪهہ، ڪيئي ڪيئہ

ڪيترا اهڙا پرڀو پيا ۽ ڪٿي پيدا ڪري، تہ بہ اُنهن مان ڪو ورلي پرڀوءَ جو بيان ڪري سگهندو.

امل ڌرم، امل ديبان - امل تل، امل پروان

ست پرش جو ڌرم املھ آهي ۽ سندن درٻار، ست سنگ بہ املھ آهي. سندن ساهمي املھ آهي ۽ سندن وکر بہ املھ آهن.

امل بخشش، امل نيشان
امل ڪرم، امل فرمان

سندن جي بخشش املھ آهي. سندن نشان بہ املھ آهن. سندن ديا املھ ۽ سندن حڪم بہ املھ آهي.

املو امل، آکڻا نہ جاءِ
آکہ آکہ، رهي لو لا

ايشور جا گڻ املھ ڪان بہ املھ آهن جي چئي نہ سگھجن. ڳائي ڳائي سنت، ڌيان ۾ لڳي وڃن ٿا.

آکهہ ويد پاٺ پراڻ
آکهہ پڙهي ڪرهہ وکڻا

پنڊت، ويد وارا، عالمند ودوان بہ ان جي مهما ڪن ٿا.

ڪيتي راڳ پري سڻ ڪهيئن،
ڪيتي گاوڻ هاري

ڪيترائي راڳ، راڳڻين سميت پيا ڳائين ۽ ڪيترائي انهن راڳن جي ڳائڻ وارا آهن.

گاوهه تهنو پوڻ پاڻي بيسنتر،
گاوي راجا ڌرم دئاري

هوا، پاڻي، اگني تنهنجا گڻ ڳائي پيا ڳائين ۽ ڌرمراج به تنهنجي در تي اچي تنهنجا گڻ ڳائي ٿو.

گاوهه چت گپت لک جاڻهه،
لک لک ڌرم ويچاري

چتر ۽ گپت به توکي ڳائين ٿا، جيڪو لکي جاڻن ۽ لکيل تي ڌرمراج ويچار ڪري ٿو.

گاوهه ايسر برما ديوي،
سوهن سدا سواري

شو، برهما ۽ ديوي، تنهنجا پيدا ڪيل، تنهنجا گڻ ڳائي پيا سونهن.

گاوهه انڊ انداسڻ بيٺي،
ديوتيا در نالي

اندر اندراسڻ تي ويٺي، ديوتائن سان گڏجي، تنهنجي در تي ونئو گڻ ڳائي.

جيون ڀاوي تيون هوءِ

نانڪ جاڻيءِ، ساچا سوءِ

ايشور جيڏو وڏو ٿيندو پرڪاش ڪرڻ چاهي
وڏو ڪري سگهي ٿو. گرو نانڪ جن چون ٿا ت
هڪ اهو ئي آهي سچو صاحب جو پاڻ ڪري
جاڻي ٿو.

جيڪو آکيءِ ٻول وگاڙ

نا لکيئيءِ سر گاوارا گاوار

جيڪو ان ٻابت خراب لفظ ٻولي ٿو، سو ت
مورکن جي مورکن جو مکيه سردار آهي.

* پوڙي (٢٧) *

سو در ڪيها، سو گهر ڪيها،

جت بهه سرب سمالي

پرڀو! اهو در ڪهڙو آهي ۽ اهو گهر ڪهڙو
آهي، جتي تون واهي سڀني جي سنڀال لهين
ٿو؟

واڄي ناد انيڪ اسنکا، ڪيتي وارڻ هاري

سائينءَ جي در تي ڪيترائي ساز ٻيا وڄن
ڪيترائي ساز وڄائيندڙ آهن.

گاوهه جوڌ مها ٻل سڙرا،

گاوهه ڪاٺي چاري

ٽوڪي پهلوان، مهاٻلي، سورما ۽ چئن قسمن جا جيو ڄاڻين ٿا.

گاوهه ڪنب مڻبل ور ڀنڀا،

ڪرڪر رکي ڌاري

ڪنب، ڍيس ۽ اوهنب، جي ٽو وڇي ٻنهڻجي آڌار تي بيهاريا آهن، سي سڀ ٻنهڻجي صفت ڄاڻين ٿا.

سيڻي تڻ ٽو گاوهه جو تڻ ڀاون،

رتي ڏيري ڀڳت رسالي

سي ٽي ٽوڪي ڄاڻن جي ٽوڪي وٺن ٿا. ٻنهڻجا ڀڳت سچا سي، جي رس جا گهر آهن ۽ ٽوپر رتل آهن.

هور ڪيتي گاون، سي مٽن چت نه اون،

ڏانڪ ڪٿا ويچاري

ٻيا به انيڪ ٽوڪي ڀلا ڄاڻن، جي موٽڪي خيال ۾ نٿا اچن. گرو جن چون ٿا ته اهڙن ڄاڻيندڙن جو مان ڪهڙو ويچار ڪريان؟

گاوھ، سڻ سماڌي آنڌ،
گاو ساڌ وچاري

سڻ سماڌيءَ ۾ لوڪي ڳائين ٿا ۽ ساڌو ويچار
ڪندي لوڪي ڳائين ٿا.

گاون جٽي سٽي سنتوکي،
گاوھ وير ڪراري

جٽي، سٽي، سنتوکي ۽ وڏا ور ھ لوکي
ڀيا ڳائين.

گاون ڀڳت ڀڙن رکيسر،
جگم جگم ويدا ٿالي

ڀڙھيل ڀڳت ۽ مڏي ويدن دواران جڳ جڳ
۾ ڀيا تنھنجو نام ڳائين.

گاوھ موھڻيا من موھن،
سرگا مڇ پياالي

اپسرائون، جي من کي موھينديون آھن، سي
ھ سرڳ ۽ مرتيو لوڪ ۾ ۽ پاتال ۾ تنھنجا گڻ ڳائن
ٿيون.

گاون رتن اُپائي تيري،
اٺ سٺ تيرٿ ناليه

تنھنجا پيدا ڪيل ۱۴ رتن، ۶۸ تيرٿن سميت
تنھنجا گڻ ٿا ڳائين.

سو پاتشاهه شاهه پات صاحب،
نانڪ رهڻ رضائي

سو راجا، شاهن جو به شاهه آهي، صاحب آهي، وڏو آهي. اسين سڀ انهيءَ حڪم ۾ هلون.

*** پوڙي (٢٨) ***

مندرا سنتوک، شرم، پت جهولي،
ڌيان کي ڪرهه ڀڀوت

گرو جن يوگين کي چون ٿا:- ڪنن ۾ سنتوک روپي مندرائون پايو. کوٽن ڪمن ڪرڻ کان شرم جي جهولي ڪڍو ۽ ڌيان جي ڀڀوت لڳايو.

کنٿا ڪال ڪنآري ڪائيا،
جگت، ڏنڊا پرتيت

سچو يوگي ڪال جي گودڙي ڪڍي ٿو ۽ سرير کي ڪنواري ڪنيا وانگر نرمل ۽ پوتر رکي ٿو ۽ سندس ڏنڊو آهي پرڀوءَ ۾ صدق.

آئي پنٿي سگل جماتي،
من جيتيءِ جگ جيت

سچو پنٿي ساري سرشٽي کي هڪ روپ ۾ ڄاڻي ٿو. سچو يوگي من کي جيتي سڄي جڳ کي وس ۾ رکي ٿو.

سوئي سوئي سدا سچ صاحب،
ساچا ساچي نائي؛

اهو ٻرابر سچو صاحب آهي ۽ سندس نالو ٻي سندس وڏائي ۾ سچي آهي.

هئي هوسي جاءِ نہ جاسي،
رچنا جن رچائي

جنهن [illegible] هيءَ رچنا رچي آهي سو هيئر ۾ آهي، ٻيو ۾ هوندو. اهو ناس نہ ٿو ٿئي.

رنگي رنگي ڀاتي ڪر ڪر،
جنسي مائيا جن اُپائي

مايا مان هيءَ رچنا ناهي اٿس. جدا جدا رنگن ۽ جنسن جي رچي اٿس.

ڪر ڪر ويکي ڪيتا آپڻا،
جو تسدي وڏائي

رچنا ناهي، وري ناهي پنهنجي وڏائي وانگي ڏسي.

جو تس ڀاوي سوئي ڪرسي،
حڪم نہ ڪرڻا جائي

جيڪو کيس وڻي ٿو سوئي هو ڪري ٿو. هن تي ڪو حڪم ڪري نٿو سگهي.

ٺجوڳ وجوڳ ۾ ڪار چلاوهه،
ليکي آوهه ڀاڳ

ٻڙهو پڙهي ميلاپ ۽ وڇوڙي جون وائون هلائي ۽ هڪ ڪي پڙهڻي ليکي موجب پڙهڻجو سو ملي ٿو.

آديس تسيءِ آديس،
آد انيل اناد اناهت
جڳ جڳ ايڪو ويس

گرو جن چون ٿا: اهڙي ٻڙهوءَ کي مان وري وري نمسڪار ٿو ڪريان. هوُ آد کان آهي، پڻ داغ آهي. اُن جي شروعات ڪانهي. اُن جو ناس نٿو ٿئي ۽ جڳ جڳ ۾ هڪجو هڪ ئي روپ آهي.

* پوڙي (٣٠) *

ايڪا مائي جڳت وئائي،
تن چيلي ٻرواڻ

ٻڙهوءَ جي شڪتيءَ سان مايا وپائي ۽ ٽي مکيه چيلا جڻيائين.

آديس تسيءَ آديس،
آد انيل اناد اناهت
جگم جگم ايڪو ويس

اهڙو سچو يوڳي نمسڪار ڪري ٿو اُن پرڀو
ڪي، جو آهي اصل کان، مايا کان مٿي، اي موه
اُهو پرڀوءَ جو جڳ جڳ ۾ هڪ ئي روپ، سـ
روپ، جولي سروپ آهي.

* پوڙي (٢٩) *

ڀڳت گيان، دئيا ڀنڊارڻ،
گهٽ گهٽ واجهه نا

اهڙي يوڳيءَ جو ڀوجن آهي گيان، جو ڪيس
ملي ٿو دئيا ڀنڊارڻ ونان. اهڙي جي گهٽ گهٽ
۾ شبد جو ناد پيو وڄي.

آپ ناٿ، ناٿي سڀ جاڪي،
رڌ سڌ آورا سا

سچو يوڳي سمجهي ٿو ته هڪ سائين سچ
ناٿ آهي ۽ جيڪي ۽ سرشٽيءَ جي اندر خلقيل
آهي، سو سڀ سائينءَ جي قدمن ۾ قابو ٿيل
آهي. سچو يوڳي لڌيڪري رڌان، سڌان کان
سنسار جي سوادن کان پري رهي ٿو.

* پؤڙي (٣١) *

آسڻ لوءِ لوءِ ڀنڊار،
جو ڪڇ پايا سُ ايڪا وار

ڀڳوان جا آسڻ ۽ ڀنڊار هرهڪ لوڪ ۾ آهن. جيڪي به انهن ڀنڊارن ۾ وڌو اٿس سو هڪ ئي ڀيري.

ڪر ڪر ويکي سرجڻهار،
نانڪ سچي کي ساچي ڪار

هو سرشٽيءَ جو رچيندڙ، سرشٽي رچي ويٺو ڏسي. گرو نانڪ جن چون ٿا ته سچي سائينءَ جا ڪم به سچا آهن.

آديس تسيءِ آديس،
آد انيل اناد اناهت
جگ جگ ايڪو ويس

اهڙي ڀڳوان کي مان وري وري نمان ٿو. هو آد ڪان آهي. بنان داغ آهي. ان جي شروعات ڪانهي. جو ناس نٿو ٿئي ۽ هر جڳ ۾ هڪڙو ئي روپ آهي.

اِڪ سنساري، اِڪ ڀنڊاري،
اِڪ لائي ديوا

جو تس ڀاوي تيوي چلاوي،
جو هووي فرما

هڪ چيلو ٻيها سنسار جا ڀنڊار ڏاهيندڙ، ٻيو وشنو سنسار جي پالنا ڪندڙ، ٽيون شو ج ويٺو دربار هلائي. جيئن سائينءَ کي وڻي ٿو، تيئ هنن ٽنهي کي حڪم ڏئي ٿو ۽ ڏسن آهي نيڻ کن ٿا.

اوهه ويکيءَ، اونا نذر نه آويءَ،
بهتا ايهو وڏا

ايهو ويٺو انهن کي ڏسي، پر اهي سائين کي نٿا ڏسي سگهن. اهو هڪ وڏو عجب آهي.

آديس تسيءَ آديس،
آد انيل اناد اناهت
جگم جگم ايڪو ويس

گروجن چون ٿا: اهڙي پرڀوءَ کي مان وري وري نمسڪار ٿو ڪريان. هوُ آد ڪسان آهي، ٻ داغ آهي. اُن جي شروعات ڪانهي. اُن جو ناس نٿو ٿئي ۽ هن جو هڪ ئي روپ آهي.

* پوڙي (٣٣) *

آکڻ جور، چپيءَ نهه جور
جور نه منگڻ، ديڻ نه جور

نڪي ڳالهائڻ لئي، نڪي چپ ڪرڻ لئي، نڪي دان ڏيڻ ڪري اوهانجو زور پرڀوءَ لئي هلي سگهي ٿو.

جور نه جيوڻ، مرڻ نهه جور
جور نه راج، مال من شور

نڪي جيئڻ، نڪي مرڻ انهيءَ وس ۾ آهي. راج ۽ مال، جنهن ڪري من ۾ مستي اچي ٿي، سي به انهيءَ زور ۾ ڪين آهن.

جور نه سرتي، گيان ويچار
جور نه جگتي ڇٽيءِ سنسار

سمت، سرت ۽ گيان جي ويچار ڪرڻ جي طاقت به انهيءَ وس ناهي. سنسار کان ڇٽڻ جي رٿ به انهيءَ وس ۾ ناهي.

جس هٿ جور، ڪر ويکيءِ سوءِ
نانڪ اُتم نيچ نه ڪوءِ

جنهن پرڀوءَ جي هٿ ۾ زور، طاقت آهي سو پرڀو سرشٽي ٺاهي ويهي نهاري. گرو نانڪ جن چون ٿا ته پرڀوءَ وٽ اوچ نيچ ناهي.

* ٻوڙي (۳۳) *

اِڪ ڏوُ ڇهيو اِڪ هوهر،
اِڪ هووهر اِڪ ويس
اِڪ اِڪ ڳهڙا آڪيڻهر،
اِڪ نام جڳن ٻيس

هڪ زبان مان ٻه ٿين، ٻن زبانن مان اِڪ
زبانون ٿين، اِڪ زبانن مان وري ويهه اِڪ زبانو
ٿين ۽ انهن ويهن اِڪن زبانن مان جيڪڏهن ٽو
اِڪ اِڪ ٻيرا هڪ ٻرڙو جو نالو جهنڊو رهي.

اِيٽ راهه ٻٽ ٻوڙيڻا،
چريڻيءَ هوءِ اڪيس

انهيءَ راهه ۾ هلي ٻرماتما سان ملي هـ
سگهجي ٿو.

سڻ گلا آڪاس ڪي، کيڻا آئي رس
نانڪ ندري پائيمي، ڪوڙي ڪوڙي ٺيس

آڪاس جون ڳالهيون ٻڌي، ماڪوڙيءَ ڪـ
رس آئي. گرو نانڪ جن چون ٿا ته اهڙي سـ
ڪوڙي ٻڻاڪ ٻيا هڻن ٻر ماڪ ملي ٿو اُن ڪـ
جدهن ٿي مهر جي نظر اٿي ٿي.

ٿئيءِ سوهن، پنچ پرواڻ
ندري ڪرم، پويءِ نيشاڻ

سائينءَ جي دربار ۾ پنچ قبول پيل آهن جي سونهن ۾ پيا چمڪن. انهن تي پرڀوءَ جي ڪرپا جا نشان آهن.

ڪچ پڪائي اوٿيءِ پاءِ
نانڪ گئيا جاپيءِ جاءِ

ايشور جي دربار ۾ جيو جي ڪچائي ۽ پڪائي، معلوم ٿئي ٿي. گرو نانڪ جن فرمائين ٿا ته اتي جيو جي سچي حالت ظاهر ٿئي ٿي.

* پوڙي (٣٥) *

ڌرم کنڊ ڪا ايهو ڌرم
گيان کنڊ ڪا آکهه ڪرم

ڌرم کنڊ جو اهو ڌرم آهي (جو پوڙي ٣٤ ۾ ذڪر ڪيل آهي ته ڪرمن موجب انصاف ٿئي ٿو) ۽ گيان کنڊ جو نيم ذڪر ڪجي ٿو.

* پؤڙي (۳۴) *

راتي رُتي، ٿتي وار،
پؤڻ پاڻي، اَگني پاتال
تِس وچ، ڌرتي، ٿاپ رکي ڌرم سال

ڪارڻ پرڀوءَ رچيون راتيون، ڏينهون، ٿتيون
۽ ڏينهن وار. پوءِ پيدا ڪيائين هوا، پاڻي، با
۽ پاتال. اُنهن جي وچ پرڀوءَ ڌرتي کي ڌرمشا
يا مسافرخانو ڪري استاپن ڪيو.

تِس وچ جيءُ، جُگت ڪي رنگ
تن ڪي نام انيڪ اننت

اُن ڌرم کنڊ ۾ جدا جدا قسمن جا جيو رهـ
ٿا ۽ اُنهن جا نالا ۽ گهڻا بيشمار آهن.

ڪرمي ڪرمي، هوءِ ويچار
سچا آپ، سچا در با

ڌرمشالا ۾ اچي جيو پنهنجا ڪرم ڪن ٿا.
هڪ هڪ ڪرم جو حساب ليٺو آهي. پرڀو تو
سچو ۽ پنهنجي دربار سچي آهي!

ڪيتي ديو دانو، مُن ڪيتي،
ڪيتي رتن سمند
۽ رتن سان ڀريل سمنڊ به ڪيترائي آهن.
ڪيتيئا کاڻي، ڪيتيئا ٻاڻي،
ڪيتي پات نرند
ڪيتيئا سرتي، سيوڪ ڪيتي،
نانڪ انت نه انت

ڪيترائون ئي کاڻيون ۽ ڪيترائون ٻاڻيون، ڪيترائي سلطانتي ۽ وڏا راجائون ٿيا آهن. ڪيترائون ئي ويدن جون سرتيون آهن ۽ سيوڪ به ڪيترائي آهن. گرو نانڪ جن چون ٿا ته انهيءَ رچنا جو انت ئي ڪونهي.

* پؤڙي (٣٦) *

گيان کنڊ مهه گيان پرچنڊ
تتهيءَ ناد بنود ڪوڊ انند

گيان کنڊ ۾ (جنهن جو بيان گروجن ٣٥ پؤڙيءَ ۾ ڪيو آهي) گيان پرڪاش ٿيل آهي. اتي انهد شبد پيو وڄي جو خوشي ۽ آنند ڏيندڙ آهي.

سرم کنڊ کي ٻاڻي روپ
تتهيءَ گهاڙت گهڙيئي بهت انوپ

سرم کنڊ جي ٻاڻي سوندرتا واري آهي.

ڪيتي پوڻ پاڻي بئسنتر،
ڪيتي ڪان مهيس
ڪيتي برهمي گهاڙت گهڙيئه،
روپ رنگ ڪي ويس

گيان کنڊ ۾ پروڙ پوندي تہ ڪيترائي پوڻ، پاڻي، اگني، ڪرشن ۽ شو آهن، ڪيترائي برهما آهن، جي جدا جدا روپن، رنگن ۽ ويسن جون رچنائون پيا ٿا رچن.

ڪيتيا ڪرم ڀومي، ميرُ ڪيتي،
ڪيتي ڌروُ اپديش
ڪيتي اند چند، سور ڪيتي،
ڪيتي منڊل ديس

ڪيترائي ڪرم کيتر آهن، ڪيترائي سمير پربت آهن ۽ ڪيترائي ڌروُ ڀالڪ کي اپديش ڏيندڙ آهن. ڪيترائي اندر، چنڊ، سورج آهن ۽ ڪيترائي تارن جا منڊل ۽ پيا ديس بہ آهن.

ڪيتي سڌ ٻڌ، ناٿ ڪيتي،
ڪيتي ديوي ويس[illegible]

سڌ، ٻڌ ۽ ناٿ بہ انيڪ آهن ۽ ديويءَ جا [illegible]
سروپ بہ ڪيترائي آهن. ديو، دئيت ۽ مني [illegible]
ڪيترائي آهن.

نا اوهم مرهم، نہ ٺاڳي جاهم
جن کي رام وسي من ماهم

اهي روح، جنجي من ۾ رام پيو وسي، سي مرن نٿا. اهي ٺڳجي نٿا سگهن.

تٿي ڀڳت وسي کي لوء
ڪرهم انند، سچا من سوء

اتي ڪيترن ئي لوڪن جا ڀڳت واسو ڪن ٿا جي پنهنجي من ۾ سچي صاحب جو ويچار ڪري آنند ۾ رهن ٿا.

سچ کنڊ وسي نرنڪار
ڪر ڪر ويکي ندر نهال

سچکنڊ ۾ نرنڪار وسي ٿو. اهو هن رچنا کي ٺاهي، جوڙي، پنهنجي مهر نظر سان ويٺو نهال ڪري.

تٿي کنڊ منڊل ورڀنڊ
جي کو ڪٿيء، تہ انت نہ انت

اتي سچکنڊ ۾ منڊل آهن ۽ برهمانڊ آهن. جيڪو انهن بابت چوندو تہ اهو انت پائي نہ سگهندو.

تاڪيئا گلا، ڪٿيئا نہ جاهہ
جيڪو ڪهي، پڇي پڇتاءِ

اُن ڪڌي جون ڳالهيون ٻاهر ڪري نٿيون سگهجن. جيڪو چوي ٿو اُنکي پڇتائڻو پوي ٿو.

تنهين گهڙيئي، سرت مت من ٻڌ
تنهين گهڙيئي، سرا سدا ڪي سڌ

اُن جيو جي سرت، مت، من ۽ ٻڌي نئين طرح ٿيئي ٿي. اُن سڌن جي ٻروڙ بہ پوي ٿي.

* پوڙي (٣٧) *

ڪرم ڪڌ ڪي ٻاڻي زور
تنهين هور نہ ڪوئي هور

ڪرم ڪڌ جي نشاني آهي شڪتي. اُن جهڙ ڪانسواءِ ٻي ڪا طاقت نٿي لهجي سگهي.

تنهين جوڌ مهاٻل سور
تن مهہ رام رهيا ڀرپور

اُن ڪڌ ۾ جوڌا، وڏي ٻل وارا ۽ سورما آهن، جن ۾ رام شڪتي ڀرپور آهي.

تنهين سيتو سيتا مهما ماهہ
تاڪي روپ، نہ ڪٿني جاهہ

اُن سيتل سيتائون نام جي مهما ۾ آهن. اُنهن جي سونهن جو ذڪر ڪري نٿو سگهجي.

پئڻ ڪلا، اگن تپ ڏاهه
پاڻي پاهه، امرت تت ڍال
گهڙيئي شبد سچي ٽڪسال

ڌپ جي ڌوڻي رکي ۽ اُپميا جي باهه ٻار، ڀاو جي، عشق جي پيالي، ڪرتاري هٿ ڪر ۽ انبر وجهه امبرت.

جن ڪئه ندر، ڪرم ٽن ڪار
نانڪ ندري ندر نهال

پر اهو سچو ڪم سي ڪن تا جن لي پرڀو ڪرپا جي درشٽي ڪري ٿو. گرو نانڪ جن چون ٿا ته مالڪ جي مهر نظر ئي ٽن کي نهال ڪري ٿي.

شلوڪ

پوڻ گرو، پاڻي پتا،
ماتا ڌرت مهت
ڏوس رات، ده دائي دائيا،
کيلي سگل جگت
چڱيائيون برائيان،
واچي ڌرم حضور

تنهن لوءِ لوءِ آڪار

جو جو حڪم، تو هي تو ڪار

الي لوڪن جا لوڪ ۽ روپ آهن. جنهن جنهن ٻڌيو جو ”حڪم“ تنهن تو لڳن تنهن ڪم لڳي تو.

ونڪي وگسي ڪر ويچار

نانڪ ڪٿنا ڪرڙا سار

سائين سڀڪنهن مان وڏو ڏسي، پيو خوش ٿئي ۽ وڏو ويچار ڪري. گرو نانڪ جي چون ته ان جو ذڪر ڪرڻ لوهه والنگر سخت آهي.

* پوڙي (٣٨) *

جت پاهارا، ڌيرج سنار

اهرڻ مت، ويد هٿيار

پيارا! هاڻي جيتڻ جو ڪوڙو بداءِ. ڌيرج وڏي سونارو ٿيءُ، سمت جي سنداڻ هٿ ڪر ۽ مترڪو وند يعني سمت ٻرڪ جو اڌيش وٺ.

PREM PRACHARAK

Owned Edited Printed & Published by Narsing Motumal at Harisons Printers, 260/1, Sane Guruji Road, Bombay-11. Tele. 891368

Year 22) September 1986 (No. 16

كرمي آپو آپڻي ،
ڪي نيڙي، ڪي دور
جني نام ڌيائيا،
گئي مشقت گھال،
نانڪ تي مک اُجلي ،
ڪيتي ڇٽي نال

جڳت جو گرو هوا آهي، پاڻي پتا آهي ۽ ڌرتي وڏي ماتا آهي. هيءَ جڳت ٻالڪ وانگر پيو کيڏي جنهن کي ڏينهن روپي دايو کيڏائي ٿو ۽ رات روپي دائي سنڀاري ٿي. ڌرمراج جي حاضريءَ ۾ جيون جون چڱايون ۽ برايون پڙهيون واچن. پنهنجي پنهنجي ڪرڻ موجب ڪي جيو پرڀوءَ کان پري ۽ ڪي پرڀوءَ کي نزديڪ آهن. جني نام ڌيايو آهي، تن جون مشڪلاتون ڪٽجي ويون. گرو نانڪ جن چون ٿا ته اهڙن سيائن جا مک پوتر آهن ۽ ڪيترائي اهڙن جي سنگ ۾ ڇٽي پار پون ٿا.